SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر VI مجريہ 1976

SINDH ACT NO.VI OF 1976

سنڌ آبپاشي (ترميم) ايڪٽ، 1976

THE SINDH IRRIGATION (AMENDMENT) ACT, 1976

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريہ 1879 جي دفعہ نمبر 28 جي ترميم

Amendment of section 28 of Sindh Act VII of 1879

3. تنظيم جو قيام ۽ جوڙجڪ

Establishment and Incorporation of the Organization

4. سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريہ 1879 جي دفعہ نمبر 61 جي ترميم

Amendment of section 61 of Sindh Act VII of 1879

5. سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريہ 1879 جي دفعہ نمبر 62 جي ترميم

Amendment of section 62 of Sindh Act VII of 1879

6. سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريہ 1879 ۾ دفعہ 62_A جو اضافو

Insertion of section 62_A to Sindh Act VII of 1879

7. سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريہ 1879 جي دفعہ نمبر 67 جي ترميم

Amendment of section 67 of Sindh Act VII of 1879

8. سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريہ 1879 ۾ دفعہ 69_A جو اضافو

Insertion of section 69_A to Sindh Act VII of 1879

سنڌ ايڪٽ نمبر VI مجريہ 1976

SINDH ACT NO.VI OF 1976

سنڌ آبپاشي (ترميم) ايڪٽ، 1976

THE SINDH IRRIGATION (AMENDMENT) ACT, 1976

[31 مارچ 1976]

ايڪٽ، جنهن ذريعي سنڌ ايريگيشن ايڪٽ، 1879 ۾ وڌيڪ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ ايريگيشن ايڪٽ، 1879 ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

جنهن کي هيٺين ريت جوڙيو پيو وڃي:-

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ آبپاشي (ترميم) ايڪٽ، 1976 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريہ 1879 جي دفعہ نمبر 28 جي

2. سنڌ ايريگيشن ايڪٽ، 1879 جنهن کي هن کانپوءِ بہ سنڌ ايڪٽ چيو ويندو، ان جي دفعہ 28 ۾ شق (g) جي آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي سيمي ڪولن سان

بدلايو ويندو ۽ هن ريت نئين شق شامل ڪئي ويندي:-	ترميم
"(g) جڏهن به ۽ جتي به اهو ضروري هجي ته ڊٿل ماڊولن جي مرمت ڪئي وڃي.".	Amendment of section 28 of Sindh Act VII of 1879
3. ترميم هيٺ ايندڙ ايڪٽ، جي دفعه 28 ۾، هن نئين دفعه جو اضافو ڪيو ويندو:-	تنظيم جو قيام ۽ جوڙجڪ Establishment and Incorporation of the Organization
"A-28. ڊٿل ماڊول جي مرمت جو خرچ، جيڪو ڪئنال آفيسر طئي ڪندو، لئنڊ روينيو جي بقايا طور ا نهيءَ ماڻهو يا ماڻهن کان ورتو ويندو، جن کي ان ماڊول مان پاڻي مهيا ڪيو وڃي ٿو.".	ماڊولن جي مرمت تي ايندڙ خرچ جي اوڳاڙي Recovery of Cost of repairs of modules
4. ترميم هيٺ ايندڙ ايڪٽ جي دفعه 61 ۾ ايندڙ لفظن "ڏنڊ جيڪو 50 رپين تائين ٿي سگهي ٿو" کي "قيد جيڪو ٽن مهينن تائين وڌائي سگهجي ٿو يا ڏنڊ سميت جيڪو هڪ هزار رپين تائين هوندو يا ٻئي	سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريه 1879 جي دفعه نمبر 61 جي

سزائون" لفظن سان متبادل بڻايو ويندو.

ترميم

Amendment of section 61 of Sindh Act VII of 1879

5. ترميم هيٺ ايندڙ ايڪٽ جي دفعہ 62 ۾ ايندڙ لفظن ۽ ڪاما "پهرين يا ٻئي ڪلاس کي اهڙي ڏوهہ جي لاءِ ڏنڊ وجهي سگهجي ٿو جيڪو ٻن هزارن تائين وڌائي سگهجي ٿو يا قيد جنهن جو مدو ڇهن مهينن تائين هوندو" کي "هر ڪنهن ڏوهہ لاءِ قيد جيڪو هڪ سال تائين وڌائي سگهجي ٿو يا ڏنڊ جيڪو ٻن هزار رپين تائين وڌائي سگهجي ٿو" لفظن ۽ ڪاما سان متبادل بڻايو ويندو.

سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريہ 1879 جي دفعہ نمبر 62 جي ترميم

Amendment of section 62 of Sindh Act VII of 1879

6. ترميم هيٺ ايندڙ ايڪٽ جي دفعہ 62 کانپوءِ هي دفعہ وڌايو ويندو:-

"62_A. ڪير بہ هن ايڪٽ هيٺ ڏوهہ ڪرڻ ۾ سهڪار ڪري ٿو تہ ان کي اهڙيءَ ريت سزا ڏني ويندي، جهڙوڪ هن پاڻ اهو ڏوهہ ڪيو آهي.".

وضاحت: ڪو بہ سرڪاري ملازم جيڪو انهيءَ ڏوهہ ڪرڻ لاءِ قائل ڪري ٿو يا سڌي يا اڻسڌي طرح مدد ڪري ٿو، ان کي ڏوهاري جو ۾ مددگار ڄاتو ويندو.

سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريہ 1879 ۾ دفعہ 62_A جو اضافو

Insertion of section 62_A to Sindh Act VII of 1879

سنڌ ايڪٽ نمبر

7. ترميم هيٺ ايندڙ ايڪٽ جي دفعہ 67 جي ست نمبر 2 ۾ ايندڙ انگ ۽ لفظ "28_A" کي انگن "25" ۽ "30" جي وچ ۾ شامل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هن دفعہ کي شروعاتي دفعہ بڻائي شامل ڪيو ويندو:-

"وڌيڪ تہ دفعہ 28_A هيٺ ڪئنال آفيسر طرفان ڏنل حڪم خلاف اپيل ٻڌي نٿي سگهجي، جيستائين اپيل ڪندڙ ڪئنال آفيسر جي ڏنل حڪم مطابق ادا ٿيندڙ رقم نہ پياري آهي."

VII مجريہ 1879 جي دفعہ نمبر 67 جي ترميم

Amendment of section 67 of Sindh Act VII of 1879

8. ترميم هيٺ ايندڙ ايڪٽ ۾ دفعہ 69 کانپوءِ هي نئون دفعہ شامل ڪيو ويندو:-

"69_A. دفعہ 69 هيٺ جيڪڏهن ڪنهن بہ ماڻهو تي نوٽيس تعميل ڪري نٿو سگهجي ۽ ان جي رهڻي ڪهڻي جي ڪا خبر ڪانهي، تہ پوءِ گهٽ ۾ گهٽ ڪنهن هڪ اردو ۽ سنڌي روزنامہ ۽ ضلعي جي مقامي اخبارن ۾ نوٽيس شايع ڪرايو ويندو."

سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريہ 1879 ۾ دفعہ 69_A جو اضافو

Insertion of section 69_A to Sindh Act VII of 1879

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.